هفتيوار رسالو:343
WEEKLY BOOKLET:343

سلسلہ قادريہ عطاريہ جي ڏهين پير و مرشد جو تذڪرو، بنام

# فيضانِ سَري سَقَطي رحمۃ اللہ علیہ

SINDHI




| | |
|---|---|
| 01 | تنهنجي خاطر شرابي جي دل ڦرڻي ڇڏي |
| 03 | ولادت ۽ تعارف |
| 10 | 30 سالن کان نفس جي مخالفت |
| 21 | مريد ۽ جانشين کي نصيحت |



پيشڪش:
المدينۃ العلميۃ (دعوت اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللهُ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **فيضانِ سَري سقطي** رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڪتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

سلسلۂ قادريہ رضويہ عطّاريہ جي ڏهين پيرومرشد جو تذڪرو، بنام

# فيضانِ سَرِي سقطي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# فيضانِ سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ

**دعاءِ عطّار:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”**فيضانِ حضرت امام سَري سقطي** رحمۃ اللہ علیہ“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجي اولياءِ ڪرام جي غلامي ۽ دعوت اسلامي ۾ استقامت عنايت ڪري بزرگانِ دين رحمۃ اللہ علیہم جي سيرت تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ڪري بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن ارشاد فرمايو: وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يَرَانِي يَوْمَ الْقِيامَةِ.يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جنهن کي قيامت جي ڏينهن منهنجي زيارت نصيب نہ ٿي. حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا عرض ڪيو: **يارسول الله** صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: جنهن جي سامهون منهنجو نالو ورتو وڃي ۽ اهو مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهي.

(افضل الصلوات على سيد السادات، ص 45)

حشر کی تیرگی، سیاہی میں — نور ہے، شمعِ پُرضیا ہے دُرود
چھوڑ یومت درود کو، کافیؔ! — راہِ جنّت کا رہ نما ہے درود

(ديوانِ ڪافي،)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اسان تنهنجي خاطر شرابي جي دل ڌوئي ڇڏي

سلسلۂ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ جا هڪ عظيم بُزرگ ڪٿي تشريف کڻي وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ شخص وٽان گذريا جيڪو نشي جي حالت ۾ زمين تي پيل هو ۽ ان جي وات مان الله الله جون صدائون بلند ٿي رهيون هيون. پاڻ رحمۃ اللہ علیہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: ياالله پاڪ! هي بانهو اهڙي حالت ۾ تنهنجو ذڪر ڪري رهيو آهي جيڪو تنهنجي شان جي لائق ناهي، پوءِ سندن پاڻي گهرايائون ۽ اُن جو وات ڌوئي ڪري هليا ويا. جڏهن اُن شخص کي هوش آيو تہ ماڻهن کيس ٻڌايو تہ زماني جا مشهور ولي الله حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ تشريف کڻي آيا هئا. توکي هن حالت ۾ ڏٺائون تہ تنهنجو وات ڌوئي ڪري هليا ويا. هو ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ پنهنجي نفس کي ملامت ڪندي چوڻ لڳو: اي نفس! تنهنجي بربادي ٿئي، جيڪڏهن تون الله پاڪ ۽ اُن جي ولين کان بہ حياء نہ ڪندين تہ ڪنهن کان ڪندين؟ پوءِ ان شرمسار ٿي ڪري پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي. حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ رات جڏهن سُتا تہ خواب ۾ ڪنهن جو آواز ٻڌائون: اي سَري! تو اسان جي رضا جي لاءِ اُن شرابي جو وات ڌوتو تہ اسان تنهنجي خاطر ان جي دل ڌوئي ڇڏي آهي. حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جڏهن صبح جو اٿيا تہ اُن ماڻهو جي باري ۾ پڇا ڪيائون ۽ آخرڪار ان کي هڪ مسجد ۾ نماز پڙهندي ڏٺائون. جڏهن اهو نماز کان فارغ ٿيو تہ پاڻ رحمۃ اللہ علیہان کان پڇيو: اي منهنجا ياءَ ڪيئن آهيو؟ اُن عرض ڪيو: ياسيّدي(يعني اي منهنجا سردار)! اوهان منهنجو حال ڇوٿا پڇو؟ حالانڪ اُن ڪريم ذات الله پاڪ اوهان کي آگاهہ فرمائي ڇڏيو آهي جو اُن اوهان جي ڪري منهنجي دل ڌوئي ڇڏي ۽ منهنجي حالت سڌاري ڇڏي. پاڻ پڇيائون: توکي هي سڀ ڪنهن ٻڌايو؟ جواب ڏنائين: اُن ٻڌايو جنهن پنهنجي غير سان منهنجي دل پاڪ ڪئي ۽ مون تي پنهنجي عفو و ڪرم ۽ رضامندي جو مينهن وسايو. (الروض الفائق، ص 245)

اللّٰه ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

نگاہِ ولی مـیں وہ تاثیـر دیکھی　　بدلتی ہزاروں کی تقـدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ولادت ۽ تعارف

اي عاشقانِ رسول! شرابي جي زندگي بدلڻ وارا بُزرگ، سلسلهٔ عاليه قادريه رضويه عطاريه جا ڏهان پيرومرشد حضرت سَري بن مغلس سقطي رحمۃ اللہ علیہ هئا. هڪ قول جي مطابق پاڻ 155 هجري ۾ بغداد شريف ۾ پيدا ٿيا. سندن مبارڪ نالو سَري جنهن جو مطلب آهي جوان مرد(يعني بهادر) ۽ سندن ڪنيت ابو الحسن آهي. پاڻ شروع ۾"سقط (يعني معمولي ۽ ننڍيون وڏيون شيون)" وڪڻدا هئا. انهيءَ مناسبت سان ڪيس "سقطي" چيو ويندو آهي. پاڻ حضرت معروف ڪرخي رحمۃ اللہ علیہ جا مُريد ۽ حضرت جنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ جا ماما ۽ استاد آهن. (تذكرة الاولياء، 1/ 246)

## اندازِ حيات ۾ تبديلي جو سبب

حضرتِ سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ شروع ۾ بغداد شريف جي بازار ۾ ويهي ريزڪي دڪان هلائيندا هئا، هڪ ڏينهن خواجہ حبيب راعي رحمۃ اللہ علیہ سندن دڪان تي آيا، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ انهن جي سامهون ڪجهه شيون پيش ڪيون تہ فقراء کي تقسيم ڪن، انهن فرمايو: خَيَّرَاكَ اللّٰهُ يعني اللّٰه پاڪ اوهان کي نيڪي جي توفيق ڏي، بس انهيءَ ڏينهن کان سندن دل مان دنيا جو خيال ويندو رهيو. (شريف التواريخ،499/1)

## شجرهءِ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪر خير

امير اهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي هر مريد ۽ طالب کي جيڪو شجرو شريف

پڙهڻ جي اجازت عطا فرمائي آهي، اُن ۾ حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جي وسيلي سان دعا ڪئي وئي آهي:

بَہرِ مَعْروف وسَری معروف
دے بےخُودسَری

الفاظ و معنيٰ: بهر: واسطي. معروف: ڀلائي. بيخودسَري: عاجزي، فرمانبرداري.

(هن شعر ۾ سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه جي نائين، ڏهين پيرومرشد(يعني حضرت معروف ڪرخي ۽ حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہما) جي وسيلي سان دعا ڪئي وئي آهي.)

## دعائيه شعر جو مفهوم

ياالله پاڪ! مون کي حضرتِ معروف ڪرخي جي واسطي نيڪي ۽ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جي واسطي مون کي عاجزي ۽ انڪساري جو پيڪر بڻاءِ. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عربي شجرو

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ هڪ عربي شجرو شريف، بصيغهءِ درود شريف تحرير فرمايو آهي، اُن ۾ حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جو ذڪر خير هن طرح فرمايو آهي: ”اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلَى الْمَوْلَى الشَّيْخِ سَرِّيِّ نِ السَّقَطِيْ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ“ اي الله پاڪ تُون حضور اڪرم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم تي رحمت ۽ برڪت نازل فرماءِ ۽ حضور صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي آل ۽ اصحاب ۽ اسان جي سردار شيخ سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ تي به. (تاريخ وشرح شجرهٔ قادريه برڪاتيه رضويه، ص109)

## سيني کان وڏا عبادت گذار

مُرشدي سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي دڪان ۾ هڪ پردو لڳائي رکيو هو جنهن جي پويان وجي ڪري روزانو هڪ هزار نفل پڙهندا هئا. (تذكرة الاولياء، 246/1)

حضرت جُنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مون حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ کان وڌيڪ ڪنهن کي عبادت گذار نہ ڏٺو. پاڻ رحمۃ اللہ علیہ 98 سال جي عمر ماڻي پر وفات شريف جي وقت کان علاوه ڪين ڪڏهن بہ آرام ڪندي نہ ڏٺو ويو، هڪ پيرو ڪائنس وظائف جو هڪ حصو رهجي ويو تہ ارشاد فرمايائون: منهنجي لاءِ هن جي قضا ممڪن ناهي. (يعني سندن ديني مصروفيتون ايتريون هيون جو رهجي وڃڻ وارا وظيفا پڙهڻ جو ڪو فارغ وقت نہ هيو.) (سير اعلام النبلاء، 149/10)

## هڪ جملي زندگي بدلي ڇڏي.

حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ هڪ ڏينهن بغداد شريف جي جامع مسجد ۾ بيان ڪري رهيا هئا تہ هڪ مالدار نوجوان قيمتي لباس پائي پنهنجي دوستن سان آيو ۽ بيان ٻڌڻ لڳو. دورانِ بيان حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: ”**حيرت آهي جو ڪمزور ڪيئن طاقتور جي نافرماني ڪري ٿو.؟**“ هي ٻڌي ڪري اُن نوجوان جي چهري جو رنگ مٽجي ويو ۽ اهو بيان ٻڌي ڪري هليو ويو. ٻي ڏينهن حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: ”ڪالهہ اوهان فرمايو هو تہ ”**حيرت آهي جو ڪمزور ڪيئن طاقتور جي نافرماني ڪري ٿو**، تورو ان جو مطلب مون کي سمجهايو.“پاڻ رحمۃ اللہ علیہ ارشاد فرمايو: ”موليٰ کان وڌيڪ طاقتور ڪير بہ ناهي ۽ انسان کان وڌيڪ ڪمزور ڪو بہ ناهي، پوءِ بہ ٻانهو ان جي نافرماني ڪري ٿو.“ هي ٻڌي ڪري اهو نوجوان هليو ويو. ٻي ڏينهن اهو وري حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ ان جي جسم تي بہ سفيد ڪپڙا هئا. ان عرض ڪيو: مون

كي رب كريم تائين پهچڻ جو طريقو ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: ”جيڪڏهن عبادت ڪرڻ چاهيو ٿا ته ڏينهن جو روزو رکو ۽ رات جو نفلن ۾ مشغول رهو.“ (روض الرياحين، ص171بتغير)

اي عاشقانِ رسول! حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نصيحت پنهنجي اندر ڪيتري قدر سبق رکي ٿي. ڪڏهن به نفس و شيطان گناه ڪرڻ جو خيال ذهن ۾ آڻي ته ڪاش! ان وقت هي تصور ذهن ۾ سمائجي وڃي ته جنهن جي نافرماني ڪري رهيو آهيان اهو الله پاڪ ڪيتري قدر طاقت وارو آهي جيڪڏهن اُن گناه ڪرڻ تي سزا ڏني ته مون جهڙو ڪمزور انسان ڪيئن برداشت ڪري سگهندو. الله پاڪ اسان کي پنهنجي پسند جا ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

گناه بے عدد اور جرم بھی ہیں لاتعداد
مُعاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یارب

(وسائلِ بخشش، ص 78)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب
صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪڏهن به پير نه ڊگهيڙيائون

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد ۾ پير ڊگهيڙي ويهندا هئا. غيب مان آواز آيو: ڇا بادشاهن جي بارگاه ۾ ايئن ئي ويهبو آهي؟ اُن وقت کان جيڪي پير سميٽيا پوءِ غسل جي تختي ئي تي ڊگهيڙيا، ڪڏهن ننڊ ۾ به نه ڊگهيڙيائون. (سبع سنابل، ص 131)

جن کے رتبے ہیں سوا ان کو سوا مشکل ہے

## علمي مقام ۽ مرتبو

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمِ حديث ۾ وڏن ۽ مشهور محدثن سڳورن کان روايتون ٻڌيون ۽ حديثون بيان فرمايون آهن پر سندن (احتياط جي پيشِ نظر) تمام گهٽيون حديثون بيان ڪرڻ کان رڪيل

رهيا، انهيءَ کري سندن روايتون گهٽ آهن. (حلية الاولياء، 131/10)

## گهران نہ نڪران ها

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪڏهن جمعو ۽ جماعت واجب نہ هجي ها تہ مان ڪڏهن پنهنجي گهران نہ نڪران ها ۽ مرندي وقت تائين پنهنجي گهر ئي کي لازم پڪڙيان ها. (بحر الدموع، ص 39)

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪا ضرورت يا شرعي مجبوري نہ هجي تہ فضول گهمڻ ڦرڻ جي بجائي گهر ۾ رهڻ ئي جا فائدا آهن. حديث پاڪ ۾ آهي: صحابي رسول، حضرت عُقبہ بن عامِر رَضِىَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! نجات ڇا آهي؟ فرمايائون: (1) پنهنجي زبان کي روڪي رکو(يعني پنهنجي زبان اُتي کوليو جتي فائدو هجي، نقصان نہ هجي) ۽ (2) توهان جو گهر توهان کي ڪفايت ڪري(يعني بلاضرورت گهر کان نہ نڪرو) ۽ (3) گناهن تي روئڻ اختيار ڪيو.

(ترمذی، 182/4، حديث: 2414)

## 6 فضول ڪم

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه توبہ ڪرڻ وارن کي فرمائن ٿا تہ هر قسم جي نفساني خواهش کان منهن موڙي ڪري فضول ڪمن کان بچو. فضول ڪمن مان مراد هي ڇهہ ڪم آهن: (1) فضول ڳالهيون ڪرڻ (2) فضول ڏسڻ (3) فضول هلڻ ۽ گهمڻ (4) فضول کائڻ (5) فضول پيئڻ (6) فضول لباس پائڻ. (قوت القلوب، 367/1)

واقعي ئي اڄوڪي زماني ۾ تنهائي ۾ ئي ڀلائي آهي جڏهن تہ اها تنهائي گناهن کان محفوظ هجي ڇوتہ جيڪڏهن تنهائي ۾ موبائل يا انٽرنيٽ وغيره جي گناهن ڀري استعمال ۾ مصروف رهيا تہ اهڙي تنهائي بہ جهنم ۾ پهچائي سگهي ٿي، فضول ويهڪون گناهن تائين پهچائي ڇڏينديون آهن،

ايئن ئي پنهنجي اکين کي آزاد ڇڏي ڏيڻ فضوليات جو عادي بڻائڻ بدنگاهي تائين وٺي وڃي سگهي ٿو. ماڻهن ۾ هجو يا اکيلا الله پاڪ ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي يادن ۾ گم رهو. ذڪر و درود ڪيو. تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي سعادت ماڻيو، مدني چينل ڏسو، علم دين حاصل ڪيو. اوهان جو وقت ڪوڙ سارين نيڪين ۾ گذرندو ۽ نامهءِ اعمال ۾ تمام گهڻو ثواب جمع ٿي ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لکن ٿا: اهڙو عالِم هجي، جنهن جي مسلمانن کي ضرورت هجي ۽ ان کان ماڻهن کي نفعو پهچندو هجي ته اهو ميل ميلاپ ختم ڪري خَلوَت (يعني اڪيلائپ، گوشہ نشيني) اختيار نہ ڪري، باقي ماڻهو جيڪڏهن پيءُ ماءُ، اهل وعَيّال گهر ياتي، ۽ بين حُقُوقُ العِباد (ٻانهن جي حقن) جو خيال رکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اهم ديني ۽ دُنياوي ضرورتن کان واندو ٿي ڪري باقي بچيل وقت **اڪيلائپ** ۾ گذارين (جڏهن ته اڪيلائپ ۾ رهڻ جي اَدبن کان به واقُف هجن)[1] ته انهن جي لاءِ پلو آهي.

دِل مــیں ہو یاد تِری گوشہ تنہائی ہو | پھــر تو خَلوتــــ مــیں عجـبـــ انجمن آرائی ہو

(ذوقِ نعت، ص 204)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رات ۾ عبادت

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آسپاس وينا هئاسين ته سندن اسان کي(بطور عاجزي) فرمائڻ

[1] لُبابُ الاحياء صفحي 163 کان 165 تي گوشہ نشيني جو بيان ملاحظ فرمايو، ان جو جواب تفصيلي بيان اِحياء العلوم جلد 2 ۾آهي .

لڳا: اي نوجوانو! مان توهان جي لاءِ عبرت آهيان، عمل ڪيو ڇوتہ اصل عمل تہ جواني ۾ هوندو آهي.

حضرت جنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جڏهن رات جي اونداهي ڇائنجي ويندي هئي تہ مُرشدي سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ نماز پڙهڻ لڳندا هئا. رات جي پهرين حصي ۾ ڪائنس گريہ (يعني روئڻ جي ڪيفيت) طاري ٿيڻ لڳندي هئي تہ اُن کي پري ڪندا ها وري طاري ٿيڻ لڳندي هئي وري پري ڪندا ها تان جو جڏهن ڪائنس روئڻ جي ڪيفيت جو غلبو ٿي ويندو هو تہ سڏڪا پريندا ۽ روئڻ لڳندا هئا. (حلية الاولياء، 131/10، رقم: 14761)

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي جواني وڏي ديواني هوندي آهي ان ۾ نفساني خواهشن جي غلبي جي ڪري عبادتون ۽ رياضتون تمام مشڪل لڳنديون آهن. نفس و شيطان مڪمل زور لڳائي ڪري نوجوان کي نيڪي جي رستي تي نہ هلڻ، سنتن تي عمل نہ ڪرڻ ۽ گناهن ۾ مصروف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. الله ڪريم پنهنجي نيڪ ٻانهن ۽ اولياءِ ڪرام جي صدقي اسان کي پنهنجي زندگي جي هر دور(جواني، پوڙهائپ) ۾ پنهنجي رضا وارن ڪمن ۾ رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پنهنجي نافرمانين ۽ بُري دوستن کان بچائي.

حیا نہیں ہے زمانے کی آنکھ میں باقی
خدا کرے کہ جوانی تری رہے بے داغ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جهرڪي ويجهو اچي وئي

حضرت احمد بن خلف رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ وٽ آيس تہ سندن مون کي فرمايائون: ڇا مان توکي هن جهرڪي جي باري ۾ حيرت انگيز ڳالھ نہ ٻڌايان جيڪا مون وٽ ايندي ۽ ورانڊي جي ڇت جي ڪناري تي ويهي رهندي هئي. مان ان جي لاءِ

ماني جو ننڍڙو ٽڪڙو ڪٽندو هئس ۽ ان کي پنهنجي هٿ جي ترِيءَ تي پورپور ڪندو هئس تہ هُوءَ اچي ڪري منهنجي آڱرن جي ڪناري تي ويهندي ۽ چُڳڻ لڳندي هئي. هڪ ڏينهن اها وراندي جي ڇت تي آئي تہ مون ان جي لاءِ ماني جو ٽڪڙو ڪٽي پنهنجي هٿ ۾ پورپور ڪيو پر اها جهرڪي جيڪا پهريان منهنجي هٿ تي چڳڻ جي لاءِ ايندي هئي، سا نہ آئي. مون هن راز جي باري ۾ غورفڪر ڪيو تہ اها مون کان مانوس ڇو ناهي ٿي رهي تہ مون کي خبر پئي تہ مون عمده قسم جو لوڻ کاڌو هيو. سو مون دل ۾ چيو: مان عمده قسم جو لوڻ کائڻ کان توبہ ڪيان ٿو. ڇا ٿو ڏسان تہ اها جهرڪي هٿ تي اچي ويهي رهي، ماني جا پور کاڌا ۽ اڏامي هلي وئي. (حلية الاولياء، 127/10، رقم: 14741)

الله وارن جي بہ ڇا شان آهي. ڪاش! رضائي الٰهي جي لاءِ اسان بہ پنهنجي نفس کي قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم تہ نفس جي هر ڳالهہ ۾ مخالفت ڪندا هئا جيئن تہ

## ٿڌو پاڻي

حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جو هڪ پيرو روزو هيو، طاق(يعني ديوار ۾ ٺهيل هڪ جڳهہ) ۾ پاڻي ٿڌو ٿيڻ جي لاءِ پاڻي پيئڻ جو ٿانءُ رکي ڇڏيو هو، نمازِ عصر کان پوءِ مراقبي ۾ هئا تہ جنتي حورن سامهون کان گذرڻ شروع ڪيو. جيڪا سامهون اچي پئي ان کان پڇن پيا تہ تون ڪنهن جي لاءِ آهين؟ اها ڪنهن خدا جي ٻانهي جو نالو وٺي پئي. هڪ آئي، اُن کان بہ اهوئي پڇيو تہ ان چيو: ؟ ان جي لاءِ آهيان جيڪو روزي ۾ پاڻي ٿڌو ٿيڻ جي لاءِ نہ رکي.“ فرمايائون: ”جيڪڏهن تون سچ ٿي چئين تہ هن ٿانءَ کي ڪيرائي ڇڏ.“ ان ڪيرائي ڇڏيو. ان جي آواز سان اک کُلي وئي. ڏٺائين تہ اهو پاڻي پيئڻ جو ٿانءُ ٽٽل هيو. (الرسالة القشيرية، ص 30۔ملفوظات اعلیٰ حضرت، ص 158۔ روض الرياحين، ص 53 ملخصاً)

## 30 سالن کان نفس جي مخالفت

حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: 30 سالن کان منهنجو نفس هن ڳالھ تي وڙهندو رهيو تہ مان ڪجور جي رس ۾ هڪ گجر ٻوڙي کاوان پر مون اجا تائين ان جي ڳالھ ناهي مڃي. (حلية الاولياء، 119/10، رقم: 14693)

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو الله پاڪ جا نيڪ ٻانها باقي رهڻ وارين راحتن ۽ نہ ختم ٿيڻ وارين نعمتن کي ماڻڻ جي شوق ۾ پنهنجي نفس کي قابو ڪري دنيا جي لذتن کي ترڪ ڪري ڇڏيندا آهن.

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیّدا کب تک دباتے جائیں گے

(حدائقِ بخشش، ص175)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پاڪيزه غذا کائڻ جي حوالي سان شهرت

حضرت حسن بزاز رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ حلال ۽ پاڪيزه غذا کائڻ، پنهنجي خوراڪ جي جاچ ڪرڻ ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي حوالي سان ايترا مشهور هئا جو اُنهن جي هي شهرت حضرت امام احمد بن حنبل رحمۃ اللہ علیہ تائين وڃي پهتي، تڏهن تہ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ سندن متعلق فرمايائون تہ ” اهو شيخ جيڪو پاڪيزه غذا کائڻ جي حوالي سان مشهور آهي.“ (حلية الاولياء، 130/10، رقم: 14760)

## تقويٰ جي بهترين مثال

منهنجا مرشد، حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مون چاهيو تہ اهڙو گرھ کاوان جنهن ۾ الله پاڪ جي طرفان پڇاڳاڇا نہ هجي ۽ نہ ان ۾ مخلوق جو مون تي ڪو احسان هجي تہ مون کي اهڙي گرھ تائين ڪو رستو نہ مليو. (حلية الاولياء، 120/10، رقم: 14694)

اسان هڪ ڏينهن مڪي شريف کان ڪنهن هنڌ جي لاءِ نڪتاسون، جڏهن جهنگل ۾ رڪياسين تہ مون وهندڙ پاڻي ۾ سبزي جو هڪ چڳو ڏٺو. سو هٿ وڏائي ڪري ان کي ڪٽي ورتو ۽ چيو: اَلحَمۡدُلله! منهنجي خيال ۾ هي حلال هيو ۽ ان ۾ ڪنهن مخلوق جو بہ ڪو احسان نہ هيو. جڏهن مون ان کي ڪٽي ورتو تہ ڪنهن ڏسڻ واري مون کي چيو: اي ابوالحسن! مان ان جي طرف متوجهہ ٿيس تہ ان وٽ بہ ان جهڙي سبزي جو چڳو هيو، ان مون کي چيو: اهو ڏئي ڇي ونو. مون چيو: سبزي جو چڳو جيڪو مون پهريان ورتو آهي ان ۾ ڪنهن جو احسان ناهي ۽ جيڪو تون ڏئي رهيو آهين هي بدل آهي، شايد تون مون تي احسان ڪرڻ چاهين ٿو ۽ مان تہ اها شيءِ چاهيان ٿو جنهن ۾ نہ مخلوق جو احسان هجي ۽ نہ الله پاڪ جي طرفان پڇاڳاڇا.(حلية الاولياء، 120/10، رقم: 14695)

کسی کا احسان کیوں اٹھائیں
کسی کو حالات کیوں بتائیں
تمہیں سے مانگیں گے تم ہی دو گے
تمہارے دَر سے ہی لَو لگی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب
صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بزنس مين هجي تہ اهڙو

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بادامن جو هڪ ”ڪُرّ“ (يعني ان جو هڪ پيمانو) 60 دينارن ۾ خريد ڪيو ۽ پنهنجي روزاني جي حساب لکڻ جي ڪاپي ۾ اُن جو نفعو ٽي دينار لکي ڇڏيو، جڻ تہ انهن هر هر ڏهہ دينار تي صرف اڌ دينار نفعو وٺڻ بهتر سمجهيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ بادامن جو هڪ ”ڪُرّ“ (پيمانو) 90 دينارن جو ٿي ويو. هڪ ڏينهن ڪميشن ايجنٽ (Commission Agent) آيو ۽ ان بادام گهريائين، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: وٺو! ان چيو ڪيتري جا آهن؟ فرمايائون: 63 دينارن جا. اهو بہ نيڪ ماڻهن مان هيو، ان عرض ڪيو: هن وقت هي بادام 90 دينارن جا ٿي ويا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون وعدو ڪيو آهي جنهن کي مان ڪڏهن بہ نہ

ٿوڙيندس، لهٰذا مان هي 63 دينارن ئي ۾ وڪڻندس. ڪميشن ايجنٽ جواب ڏنو: مون به پنهنجي ۽ الله پاڪ جي وچ ۾ عهد ڪري رکيو آهي ته ڪنهن مسلمان کي دوکو نه ڏيندس. انهيءَ ڪري مان اوهان کان هي بادام 90 دينارن ئي ۾ خريد ڪندس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به پنهنجي ڳالھ تي قائم رهيا ۽ فرمايائون: مان 63 دينارن کان وڌيڪ نه وڪڻندس. جيئن ته نه اُن ايجنٽ هي ڳالھ پسند ڪئي ته مان گهٽ قيمت ۾ خريد ڪيان ۽ نه ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٽن دينارن کان وڌيڪ نفعو وٺڻ تي راضي ٿيا آخرڪار انهن جو سودو نه ٿي سگهيو ۽ اهو اتان کان هليو ويو.

هي واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ حضرتِ علان الخياط رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهفرمائن ٿا: جن ماڻهن ۾ اهڙيون عظيم عادتون پاتيون وڃن جڏهن اهي پنهنجي پنهنجي پاڪ پروردگار جي بارگاھ ۾ دعا جي لاءِ هٿ کڻن ته انهن جون دعائون قبول ڇونه ٿينديون. الله پاڪ پنهنجي اهڙن نيڪ ٻانهن جون دعائون ضرور قبول فرمائيندو آهي. جيڪو الله پاڪ جو ٿي ويندو آهي الله پاڪ ان جي تمام معاملن کي حل ڪري ڇڏيندو آهي.
(احياء العلوم، 2/102ـعيون الحكايات، ص 164 ملخصاً)

الله پاڪ جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مُرشدي حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي مسلمانن جي خيرخواهي واري جذبي تي لکين سلام، اهو زمانو ڪيترو پيارو ۽ ان وقت جا ماڻهو ڪيترا ايماندار هئا جڏهن ته اڄ وڏو نفسانفسي جو دور آهي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي همدردي ۽ خيرخواهي جي جذبي جو ڄڻ جنازو نڪري چڪو آهي. ضرورياتِ زندگي، کائڻ جون اهم شيون گيهه، تيل، اٽو، کنڊ ۽ دالين وغيره جي جيڪڏهن قيمت وڌي وڃي ته دڪاندار جي ته ڄڻ عيد ٿي وئي،

پهريان جي قيمت تي وڪڻڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿي بلڪ اهو ته موجود وڌيل قيمت کان ڌه روپيه گهٽ وٺڻ به پسند نٿو ڪري. ڪجھ ماڻهن جي بيحسي ايتري تائين هوندي آهي جو جيڪڏهن قيمت وڌڻ جي اطلاع ملي وڃي ته فلاڻي ڏينهن يا فلاڻي تاريخ کان هيتري قيمت وڌي ويندي ته اهي شيءِ وڪڻڻ روڪي ڇڏيندا آهن هن ڪري جو قيمت وڌڻ کان پوءِ وڌيڪ منافعو وٺي ڪري ئي وڪڻندا. افسوس! هڪ اهي نيڪ ۽ غريبن جا همدرد ۽ خيرخواهه ماڻهو هوندا هئا ۽ هڪ هاڻي جا حالات آهن.

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے
اُمّت پہ تِری آکے عَجَب وَقْت پڑا ہے

ڪاش! الله ڪريم منهنجي مُرشد حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جي صدقي اسان کي پنهنجي مسلمانن ڀائرن سان خيرخواهي ۽ همدردي جو جذبو نصيب فرمائي. پاڻ رحمۃ اللہ علیہ جي اندر مسلمانن جي خيرخواهي جو جذبو ڪيتري قدر هو. پاڻ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مان چاهيان ٿو ته سڄي مخلوق جو رنج و غم منهنجي دل تي اچي وڃي ته جيئن اهي سيئي رنج ۽ تڪليف کان آزاد ٿي وڃن. (شريف التواريخ،501/1)

## مخلوق تي سيني کان وڌيڪ شفيق

هڪ بُزرگ رحمۃ اللہ علیہ فرمائي ٿو ته مون ڪوڙ مشائخن کي ڏٺو پر ڪنهن کي حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جي برابر الله پاڪ جي مخلوق تي شفيق نه ڏٺو. (شريف التواريخ، 513/1) حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جي مسلمانن جي خيرخواهي جي جذبي جي باري ۾ هڪ ٻيو واقعو پڙهو ۽ پنهنجي اندر به هن جذبي کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

## سڄي دڪان جو مال خيرات ڪري ڇڏيو

حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا مان 30 سالن کان هڪ ٻيرو

اَلحَمْدُلله! چوڻ سبب استغفار ڪري رهيو آهيان، عرض ڪيو ويو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: هڪ ڀيرو بغداد شريف جي بازار ۾ باهه لڳي وئي جنهن سبب تمام دڪان سڙي خاڪ ٿي ويا، منهنجو دڪان بہ انهن دڪانن ۾ هو، ڪنهن اچي مون کي خبر ڏني تہ اوهان جو دڪان ناهي سڙيو، مون چيو: ”اَلحَمْدُلله“. تہ مان 30 سالن کان هن ڳالهہ تي شرمنده آهيان تہ مون پنهنجو فائدو ڏسي مسلمانن جي نقصان کي چڱو سمجهيو.(هڪدم پاڻ رحمۃ اللہ علیه کي احساس ٿيو تہ جڏهن ٻين جي سامان سڙڻ جو افسوس نہ ٿيو ۽ پنهنجو دڪان نہ سڙڻ تي خوشي ٿي هي خوشي ڪهڙي، ان جي ڪفاري ۾ پاڻ رحمۃ اللہ علیه) پنهنجي دڪان جون تمام شيون غريبن ۾ ورهائي ڇڏيون.

(الرسالۃ القشيريہ، ص 29)

## بزرگن جي موجودگي باعثِ برڪت هوندي آهي

حضرتِ حسن بزّاز رحمۃ اللہ علیه فرمائن ٿا: حضرت احمد بن حنبل رحمۃ اللہ علیه ۽ حضرت بشر حافي رحمۃ اللہ علیه اسان وٽ بغداد ۾ هئا تہ اسان اها اُميد ڪندا هئاسين تہ الله پاڪ انهن بُزرگن جي ذريعي اسان جي حفاظت فرمائيندو آهي پوءِ هنن ٻنهي جو انتقال ٿي ويو تہ باقي حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیه موجود هئا تہ مان اها اميد ڪيان ٿو تہ الله پاڪ حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیه جي ذريعي اسان جي حفاظت فرمائي ٿو.

(حلية الاولياء، 130/10، رقم: 14759)

اعلي حضرت امام اهل سنت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیه مرشدي سَري سقطي رحمۃ اللہ علیه جي بارگاهہ ۾ عرض ڪن ٿا:

يا سَرِی اٰمن از سَقَط در دوسرا امداد کن

يعني اي منهنجا مُرشد! حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیه اوهان مون کي ڪنهن ٻئي جي دروازي تي ڪِرڻ کان بچايو، منهنجي مدد ڪيو.

(حدائقِ بخشش، ص 329)

# ياسَري سقطيؒ جي 9 اکرن جي نسبت سان”

# حضرت سَري سقطي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جا 9 واقعا

## (1) ياالله پاڪ انھن کي عيادت جو طريقو سيکار

حضرت سَري سقطي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان طرطوس ۾ بيمار ٿي پيس، ڪجھ اھڙا ماڻھو جن جو اچڻ مون کي پسند نہ ھيو منھنجي عيادت جي لاءِ آيا ۽ ايتري دير تائين ويٺا رھيا جو مان تنگ اچي ويس. جڏھن اھي واپس وڃڻ لڳا تہ مون کي دعا ڪرڻ جو چيائون تہ مون ھٿ کڻي ھي دعا گھري: اَللّٰهُمَّ عَلِّمْنَا كَيْفَ نَعُوْدُ الْمَرْضٰى يعني اي الله پاڪ اسان کي عيادت ڪرڻ جو طريقو سيکاري ڇڏ تہ مريض جي عيادت ڪيئن ڪبي آھي. (نفحات الانس، ص 54) الله پاڪ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم جي عيادت جا واقعا پڙھڻ ۽ عيادت جو صحيح طريقو سمجھڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان رسالو **”عيادت جا واقعا“** پڙھو بلڪ ٿي سگھي تہ اسپتال ۽ ڪلينڪ وغيره تي پنھنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

## (2) دنيا اولياءالله جي خادم آھي

حضرت سَري سقطي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جي ڀيڻ ھڪ ڀيرو سندن وٽ آئي تہ ڏٺائون تہ ھڪ ڪراڙي سندن گھر ۾ ٻھارو ڏئي رھي آھي ۽ اھا روزانو سندن لاءِ ٻہ مانيون کڻي ايندي آھي. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جي ڀيڻ حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه کي ھن باري ۾ ٻڌايو تہ حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه کائنس ان جي متعلق پڇيو تہ پاڻ جواب ڏنائون: الله پاڪ دنيا

کي منهنجو پابند ڪري ڇڏيو آهي ته جيئن اها مون تي خرچ به ڪري ۽ منهنجي خدمت به ڪري. (جامع كراماتِ اوليا،2/88ملخصاً)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

اُنھیں کیا خوف ہو عقبیٰ کا اور کیا فکر دُنیا کی
جمائے بیٹھے ہیں جو دل پہ نقشہ تیری صورت کا

(قبالۂ بخشش، ص40)

## (3) الله پاڪ جي ويجهو ڪامياب

حضرت جنيد بغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مون وٽ چار درهم هئا. مان مُرشدي سري سَقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو: هي چار درهم مان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ آيو آهيان. انهن فرمايو: پٽ! خوش رهو. اوهان ڪامياب آهيو. مون کي چار درهم جي ضرورت آهي. مون الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪئي هئي. اي الله پاڪ! چار درهم اهڙي شخص جي هٿان موڪل جيڪو تنهنجي ويجهو ڪامياب هجي. (جامع كراماتِ اوليا، 2/ 89)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (4) پنهنجو مُحاسبو ڪرڻ جو نرالو انداز

حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ (بطور عاجزي) فرمائن ٿا: مون ۾ 30 سالن تائين هڪ بيماري لڪيل رهي، اسان ڪجهه ماڻهو صبح ساجهر جمعي جي لاءِ ويندا هئاسين، سيني جي پنهنجي پنهنجي مخصوص جاءِ هئي جيڪا ماڻهن ۾ مشهور هئي اسان اتان ڪان ڪتي نه ويندا هئاسين. جمعي جي ڏينهن اسان جي پاڙي ۾ هڪ شخص جو انتقال ٿي ويو، مون چاهيو

تہ ان جي جنازي ۾ شرڪت ڪيان. جيئن تہ مون ان جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي انهيءَ ڪري مون کي جمعي جي لاءِ پنهنجي وقت کان دير ٿي وئي. بهرحال مان جمعي جي لاءِ ويس ۽ جڏهن مسجد جي ويجهو پهتس تہ منهنجي نفس مون کي چيو: هاڻي ماڻهو توکي ڏسندا تہ اڄ پنهنجي وقت کان دير ڪري آيو آهي. تہ مون کي ڏاڍو ڏکيو لڳو تہ مون پنهنجي پاڻ کي چيو: تون 30 سالن کان رياڪار آهين ۽ توکي خبر بہ نہ پئي، سو مون پنهنجي مخصوص جاءِ ڇڏي ڏني[1] ۽ مختلف جاين تي نماز پڙهڻ لڳس تہ جيئن منهنجي ڪا جڳهہ مشهور نہ ٿي. (حلية الاولياء، 129/10، رقم: 14753)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ والہ وسلم

## (5) دعا جي برڪت سان 40 حج

حضرت علي بن عبدُالحميد غَضائري رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مون حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جي گهر حاضر ٿي ڪري دروازو وڄايو، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ دروازي جي ويجهو تشريف ڪٺي آيا تہ مون ٻڌو تہ سندن دعا ڪري رهيا هئا: اي الله پاڪ! جنهن مون کي توکان غافل ڪيو تون ان کي پنهنجي ياد ۾ مشغول ڪري ڇڏ. اهي چون ٿا: هن دعا جي برڪت اها ظاهر ٿي جو مون حلب شهر (ملڪِ شام) کان پيادل 40 حج ڪيا.
(الانساب للسمعانی، 155/9)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ والہ وسلم

## (6) عبادت جي توفيق ملي وئي

حضرت ابو اسحاق رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مان حضرت علي بن عبدُالحميد غَضائري رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ مون انهن کي سيني کان

---

1 مسجد ۾ ڪا جاءِ پنهنجي لاءِ خاص ڪري ڇڏڻ، تہ اُتي ئي نماز پڙهي هي مڪروهہ آهي.

وڏيڪ عبادت گذار ۽ ڪثرت سان مجاهدو ڪرڻ وارو ڏٺو. هو ڏينهن رات نماز ادا ڪندا رهندا ها لھٰذا مان سندن نماز کان فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس پر منهنجي ان کان ملاقات نہ ٿي سگهي تہ مون انهن کي چيو تہ مان پنهنجي والدين، ٻارن ٻچن ۽ پنهنجي شهر کي ڇڏي ڪري اوهان وٽ آيو آهيان لھٰذا اوهان ٿوري دير جي لاءِ نماز کان فارغ ٿي مون کي الله پاڪ جو عطا ڪيل علم سيکاريو تہ پاڻ رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو: مون کي حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جي دعا آهي، مان انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ دروازو وڄايو تہ دروازو کولڻ کان پهريان مون انهن کي هي دعا ڪندي ٻڌو تہ ياالله پاڪ! جيڪو شخص مون کي تنهنجي بارگاه ۾ دعا ڪرڻ کان غافل ڪرڻ جي لاءِ مون وٽ آيو آهي تون ان کي پنهنجي محبت ۾ مشغول ڪري مون کان غافل ڪري ڇڏ. تہ جڏهن مان حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جي بارگاه کان واپس موٽيس تہ نماز ۽ الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ منهنجو پسنديده ڪم بڻجي ويو انهيءَ ڪري مان اُن نيڪ بُزرگ جي دعا جي برڪت سان هنن ڪمن کان علاوه ڪنهن شيءِ جي لاءِ فارغ ناهيان ٿيندو.

حضرت ابو اسحاق رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مون هن جي ڳالهين ۾ غور ڪيو تہ مون کي ان جون ڳالهيون غمزده دل ۽ عاجزي ڪرڻ واري بي قراري کان نڪرندڙ نظر آيون ۽ اهي مسلسل ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا.

(بحر الدموع، ص 115)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (7) حقيقي ٻانهاءِ سچا محبوب

حضرتِ جنيد بغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مان حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ وٽ سُتو پيو هيس تہ پاڻ رحمۃُ اللہِ علیہ مون کي جاڳايو ۽ فرمائڻ لڳا:

اي جُنيد! مون ڏنو جڏهن ته مان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بيٺو آهيان ۽ مون کي ارشاد فرمايو ويو: ”اي سَري مون مخلوق پيدا ڪئي ته سڀئي منهنجي محبت جي دعوا ڪندا هئا. پوءِ مون دنيا پيدا ڪئي ته نوّي فيصد ماڻهو دنيا جي طرف هليا ويا ۽ ڏهه فيصد باقي رهجي ويا. پوءِ مون جنت پيدا ڪئي ته ان باقي رهجي وڃڻ وارن مان به 90 فيصد مخلوق جنت حاصل ڪرڻ ۾ لڳي وئي ۽ باقي صرف 10 فيصد بچي ويا پوءِ جڏهن مون انهن تي ذري برابر آزمائش لاتي ته ان باقي رهجي وڃڻ واري تعداد جو به صرف ڏهون حصو بچو ۽ باقي ڀڄي ويا(يعني منهنجي) رضا تي راضي نه رهيا). مون باقي رهجي وڃڻ وارن کان پڇيو: ”نه اوهان دنيا کي چاهيو، نه جنت طلب ڪئي، نه ئي آزمائش کان ڀڳا. آخر! توهان ڇا چاهيو ٿا؟ ۽ توهان جو مقصد ڇا آهي؟“ ته انهن عرض ڪيو: ”اسان جو مقصد تُون ئي تون آهين، جيڪڏهن تون اسان جو امتحان وٺندين تڏهن به اسان تنهنجي محبت کي نه ڇڏينداسين.“ مون انهن کي چيو: ”مان توهان کي اهڙين اهڙين مصيبتن ۽ آزمائشن ۾ مبتلا ڪندس جو جبل به انهن کي برداشت ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن، ته ڇا توهان انهن تي صبر ڪندا؟ انهن عرض ڪيو: ”چونه، اي موليٰ! جيڪڏهن تُون آزمائش ۾ مبتلا ڪرڻ وارو آهين ته جيئن چاهين اسان کي آزماءِ.“(پوءِ فرمايو) اي سَري! هي ئي منهنجا حقيقي ٻانها ۽ سچا محبوب آهن.

(الروض الفائق، ص 256 ـ شعب الايمان، 374/1، حديث: 436ملخصاً)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

خوشیوں میں مَسَرّت میں آسائش وراحت میں
اَسرارِ محبّت کا اظہار نہیں ہوتا

وہ عشقِ حقیقی کی لَذّت نہیں پاسکتا
جو رنج ومصیبت سے دوچار نہیں ہوتا

(وسائلِ بخشش، ص 164)

## (8) مُرشدي جي احتياط تي لکين سلام

حضرت علي بن حُسَيّن بن حَرب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه کي ڪنگهه ٿي پئي، منهنجي والدِ محترم دوا ڏئي ڪري مون کي ان وٽ موڪليو، انهن فرمايو: ان جي قيمت ڇا آهي؟ مون چيو: والد صاحب مون کي قيمت ناهي ٻڌائي. فرمايائون: ان کي منهنجا سلام ڏجان ۽ چئجان ته 50 سالن کان ماڻهن کي اسان سيکاري رهيا آهيون ته هُو پنهنجي دين جي بدلي ڪجهه نه کائين ته ڇا اَڄ اسان پنهنجي دين جي بدلي کائيندا سون؟ (حلية الاولياء، 120/10، رقم: 14700)

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: اها ڪميڻگي آهي ته انسان پنهنجو دين وڪڻي کائي. (حلية الاولياء، 120/10، رقم: 14699)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (9) شڪايت ڪيئن ڪيان؟

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: جڏهن حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه بيمار ٿيا ۽ مان انهن جي عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس ته مون عرض ڪيو اوهان ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون: مان پنهنجي تڪليف جي شڪايت پنهنجي طبيب کان ڪيئن ڪيان ڇوته مون کي جيڪا تڪليف آئي آهي اها منهنجي طبيب ئي جي طرفان آهي(يعني الله پاڪ ئي جي طرفان هي آزمائش آئي آهي)، پوءِ مون وڃڻو(هٿ وارو پکو) کنيو ته جيئن کين هوا ڏئي سگهان ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: جنهن جو پيٽ اندران سڙي رهيو هجي اهو ڀلا وڃڻي جي هوا(مان سڪون) ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهي. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه ڪجهه عربي ۾ شعر پڙهيا جنهن ۾ اهو به آهي: ياالله پاڪ! جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ منهنجي لاءِ

ڪجهه راحت آهي تہ جيستائين منهنجي زندگي ٿوري بہ باقي آهي مون تي ان جي ذريعي احسان فرمائيندو رهه. (حلية الاولياء 291/10، رقم: 15270)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُريد ۽ جانشين کي نصيحت

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجا پيرو مرشد، حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي دعا ڏني: الله پاڪ توکي حديث بيان ڪرڻ وارو بڻائي پوءِ صوفي بڻائي ۽ حديث بيان ڪرڻ واري کان پهريان توکي صوفي نہ ڪري.

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن دعا جي شرح ۾ فرمائن ٿا: جنهن پهريان حديث ۽ علم حاصل ڪري تصوّف ۾ قدم رکيو اهو ڪامياب ٿيو ۽ جنهن علمِ دين حاصل ڪرڻ کان پهريان صوفي بڻجڻ چاهيو ان پاڻ کي هلاڪت ۾ وڌو والعياذ بالله تعالیٰ. (شريعت وطريقت، ص 20)

## عجز ۽ انڪساري جي انتها

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عاجزي ڪندي فرمائن ٿا: مان روزانو پنهنجي نڪ کي ڪيئي ڀيرا ڏسان ٿو تہ ڪٿي گناهن جي ڪري منهنجو چهرو ڪارو تہ ناهي ٿي ويو. حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مون حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو: مان ڪنهن تي پنهنجو پاڻ کي فضيلت نٿو ڏيان. (حلية الاولياء 119/10، رقم: 14691)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي خواهش آهي تہ مان بغداد کان علاوه ڪنهن ٻي هنڌ انتقال ڪيان ڇوتہ مون کي خوف آهي تہ جيڪڏهن

منهنجي قبر مون کي قبول نہ کيو تہ ڪٿي مان ماڻھن جي سامھون رسوا نہ ٿي وڃان. (الرسالۃ القشيرية، ص 29)

الله اڪبر! الله وارن جي عاجزي مرحبا صد مرحبا! بُزرگن عاجزي ڪئي ۽ حديث پاڪ جي مطابق بلندي ماڻي. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي:مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ الله يعني جيڪو بہ الله ربُّ العزت جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.

(شعب الايمان، 276/6، حديث: 8140۔مسلم، ص 1071، حديث: 6592معناً)

بُزرگانِ دين جي عاجزي جو اثر آهي جو اَڄ صديون گذرڻ کان بعد بہ انهن جي بلندي ۽ عظمت جا چرچا ٿين ٿا. انهن جي شان بيان ڪئي وڃي ٿي ۽ انهن جي ايصالِ ثواب جون محفلون سجايون وڃن ٿيون. جيڪو وڻ ميوي وارو هوندو آهي اهو جهڪيل هوندو آهي جڏهن تہ تڪبر ڪرڻ، اڪڙجي هلڻ واري جي مثال ڪنڊيدار وڻ جيان آهي جيڪو نہ جهڪندو آهي ۽ نہ ان مان فائدو حاصل ڪيو ويندو آهي، لهٰذا جهڪي وڃو، عزت وڏندي ۽ ميوي وارا بڻجي ويندؤ.

فخر وغرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا یارب! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا

(وسائلِ بخشش،ص 178)

## توبہ تي استقامت ماڻڻ جو نسخو

مرشدي حضرت سَري سقطي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ فرمائن ٿا: توبہ ڪرڻ واري کي سيني کان پهريان گنهگارن(يعني بُرن جي صحبت) کان پري ٿي وڃڻ گهرجي ۽ اهو گناه تي مجبور ڪرڻ واري هر ڪم کي ڇڏي ڏي پڻ نفساني خواهشن تي عمل ڪرڻ جي بجائي اولياءِ ڪرام رَحمَۃُ اللہِ علَیہِم جي سيرت تي عمل ڪرڻ کي جان کان وڌيڪ عزيز بڻائي.

(قوت القلوب، 367/1 ملتقطاً)

## سچي توبہ جي پھچان

حضرت سَري سقطي رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: توبة النصوح (يعني سچي توبہ) پنهنجي پاڻ ۾ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي نصيحت ڪرڻ جي بغير صحيح ناهي هوندي ڇوتہ جنهن جي توبہ صحيح هوندي آهي اهو پسند ڪندو آهي تہ ٻيا ماڻهو بہ هن طرح(يعني گناهن کان توبہ ڪرڻ وارا)هجن.
(تفسير ثعلبی، پ 28، التحريم، تحت الآية: 8، 350/9)

## پکين جو قيدي

حضرت سَري سقطي رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪو شخص باغ ۾ وڃي جتي هر قسم جا وڻ هجن، اُنهن تي هر قسم جا پکي هجن ۽ هر پکي جدا زبان ۾ اُن شخص کان ڪلام ڪري ۽ چئي: ’’اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا وَلِيَّ الله يعني: اي الله پاڪ جا ولي! توتي سلامتي هجي.“ هي ٻڌي ڪري جيڪڏهن ان جو نفس راحت محسوس ڪري تہ اهو انهن پکين جو قيدي آهي. (احياء العلوم،170/1)

## آخري وقت

حضرت جنيد بغدادي رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: مان سنت جي مطابق هر ٽن ڏينهن کان پوءِ حضرت سَري سقطي رحمۃُاللہِعلیہ جي عيادت ڪندو هيس. هڪ ڏينهن مان سندن وٽ آيس تہ سندن آخري وقت هيو. مان سندن مٿن سان ويهي روئڻ لڳس، منهنجا ڳوڙها سندن چهري تي ڪريا تہ پاڻ اکيون کوليائون ۽ منهنجي طرف ڏٺو. مون عرض ڪيو: مون کي نصيحت ڪيو. فرمايائون: بُري ماڻهن جي صحبت ۾ نہ ويهجو ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت جي ڪري بہ الله پاڪ کان غافل نہ ٿجو پوءِ پاڻ رحمۃُاللہِعلیہ الله پاڪ جو ذڪر ڪندي دنيا کان رخصت ٿي ويا. (حلية الاولياء 129/10، رقم: 14750)

6 رمضان المبارڪ 2553 هجري تي اَذانِ فجر کان پوءِ سندن انتقال ٿيو ۽

سندن مزار شريف بغداد شريف ۾ شُوَنيِّزِيہ جي قبرستان ۾ آهي.

(تاريخ بغداد، 190/9)

## حاشيي ۾ نالو لکيل هو

مرشدي حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ واري هڪ شخص رات جو ڪيس خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: ”مَافَعَلَ اللهُ بِكَ الله پاڪ اوهان سان ڇا معاملو ڪيو؟“ فرمايائون: الله پاڪ منهنجي ۽ منهنجي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي مغفرت فرمائي ڇڏي.“ ان شخص عرض ڪيو: ”حضور! مان بہ اوهان جي جنازي ۾ شريڪ هيس.“ تہ پاڻ رحمۃُ اللہِ علیہ هڪ ڪاغذ ڪڍي ڪري ان ۾ ڏٺو پر ان ۾ سندن نالو نہ هو. ان عرض ڪيو: حضور بيشڪ مان حاضر ٿيو هيس. تہ سندن بيهر نظر ڪئي تہ ڇا ٿا ڏسن جو ان جو نالو حاشيي ۾ لکيل هو.

(تاريخ ابن عساکر، 198/20، رقم: 2406)

## ديدارِ الٰهي

حضرت يعقوب بن عبدُالله رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مون خواب ۾ حضرت سَري سقطي رحمۃُ اللہِ علیہ کي ڏسي ڪري پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڇا معاملو ڪيو؟ فرمايائون: ان مون کي پنهنجي ديدار جي اجازت عطا فرمائي. (حلية الاولياء، 201/9، رقم: 13694)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

الله

## هفتہ وار رسالي جو مطالعو
## امير اهل سنت جي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي دل خوش ڪيو

ساڳي جيان ذميدارن کي مڪمل ماهِ رمضان المبارڪ جي اعتڪاف جي لاءِ راضي ڪيو ۽ مون کي خوشخبريون ٻڌايو.



978-969-722-616-0
01082469

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net